# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII، مجريہ 2019

# SINDH ACT NO.XIII OF 2019

# صوبائي موٽر گاڏيون (ترميم) ايڪٽ، 2019

# THE PROVINCIAL MOTOR VEHICLES (AMENDMENT) ACT, 2019

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. 1965 جي اولهہ پاڪستان جي آرڊيننس نمبر XIX جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of West Pakistan Ordinance No.XIX of 1965

3. 1965 جي اولهہ پاڪستان جي آرڊيننس نمبر XIX جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of West Pakistan Ordinance No.XIX of 1965

4. 1965 جي اولهہ پاڪستان جي آرڊيننس XIX جي ٻئين شيڊول جي ترميم
Amendment of second shedule of West Pakistan Ordinance No.XIX of 1965

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII، مجريہ 2019
# SINDH ACT NO.XIII OF 2019
# صوبائي موٽر گاڏيون (ترميم) ايڪٽ، 2019
# THE PROVINCIAL MOTOR VEHICLES (AMENDMENT) ACT, 2019

[2 ڊسمبر، 2019]

ايڪٽ جنهن جي ذريعي سنڌ صوبائي موٽرگاڏين بابت آرڊيننس، 1965 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. هن ايڪٽ ڪي صوبائي موٽرگاڏيون (ترميم) ايڪٽ، 2019 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ فوري طور لاڳو ٿيندو.

1965 جي اولهہ پاڪستان جي آرڊيننس نمبر XIX جي دفعہ 2 جي ترميم

2. صوبائي موٽر وهيڪل آرڊيننس، 1965 ۾، ان کانپوءِ جاٽايل آرڊيننس جي طور حوالو ڏنو ويو دفعہ 2 ۾، ذيلي دفعہ(15) ۾، الفاظ "عيب يا معذوري" کانپوءِ، الفاظ "بشمول ٻڌڻ کان محروم مختلف

معذور ماڻهو“ داخل ڪيا ويندا.

Amendment of section 2 of West Pakistan Ordinance No.XIX of 1965

1965 جي اولهه پاڪستان جي آرڊيننس نمبر XIX جي دفعه 7 جي ترميم

Amendment of section 7 of West Pakistan Ordinance No.XIX of 1965

3. چاڻايل آرڊيننس ۾، دفعه 7 ۾، ذيلي دفعه (5) ۾ شرطيه بيان ۾ شق (b) کانپوءِ هيٺ چاڻايل کي شامل ڪيو ويندو:-

”(c)DB 40 تائين ٻڌڻ کانپوءِ محروم ٿيندڙ درخواست ڏيندڙن کي ٻڌڻ وارا اوزار پائڻا پوندا ۽ جيڪڏهن ٻڌڻ جو نقصان DB 40 کان وڌيڪ ٿيڻ جي صورت ۾ درخواست ڏيندڙ فارم A_K ۾ بيان ڪيل خاص قسم جي گاڏي جي پهرين شيڊول جي تفصيل جي مطابق تعاون ڪندڙ ٽيڪنالاجي جا اوزار استعمال ڪرڻا پوندا.

”(d) ڪو به شخص ڊرائيونٽ ٽيسٽ ڏيندو ان کي اشارن جي زبان جي ڄاڻ هجڻ گهرجي يا ڪنهن اهڙي شخص جي مدد ڪرڻ گهرجي جيڪي اشارن جي زبان ڄاڻندا هجن.“

”(e) اهڙي شخص کان لائسنس جي ڪا به فيس نه ورتي ويندي.

بشرطيڪ اهڙن ماڻهن جون گاڏيون پنهنجين گاڏين تي لازمي اسٽيڪر لڳائن، جيئن تجويز ڪيو

| | |
|---|---|
| ويو هجي. | |
| 4. جاٽايل آرڊيننس ۾، ٻئين شيڊول ۾، سيريل نمبر 5 کي ڇڏيو ويندو. | 1965 جي اولهه پاڪستان جي آرڊيننس XIX جي ٻئين شيڊول جي ترميم Amendment of second shedule of West Pakistan Ordinance No.XIX of 1965 |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**